نیم شب کے راز کا "بیدل" جونی واقف ھوا
تھا یقین آئینہ دار جلوہ رخسار صبح

عشق مبارک

شمارو چوٿون نومبر ۲۰۰۷ع

فقير قادر بخش (بيدل)

جي 139 هين عرس مبارڪ جي موقعي تي خصوصي اشاعت

SOCIETY FOR THE PROMOTION OF CIVIC SENSE
SUKKUR (REGD)

Scanned with CamScanner

سوسائيٽي فار دي پروموئشن آف سوڪ سينس "رجسٽرڊ"

ماڻهن ۾ سماجي جاڳرتا پيدا ڪرڻ جو ادارو

گول بلڊنگ شاهه لطيف چوڪ روهڙي ضلع سکر

سال 2007 شمارو 4 تعداد 2500

سٽاء

* مون سين ڏنا ماءِ
مٺل مسرور

* سائين سنجر پور وارو
امام بخش منور

* بيدل – هڪ صوفي شاعر
اختر درگاهي

* بيدل جي تصنيف – پنج گنج
امداد علي دايو

* درگاهه تي عمارت سازي جو ڪم
مٺل مسرور

* بيدل ۽ عشق
غلام صديق قادري

* شاعري
سيد نور رضوي
مٺل مسرور
پروفيسر شير محمد بلوچ
علي اطهر موسائي
صادق پريمي
ساگر اسعدي
حاجي عبدالحميد سومرو
سلطان احمد شيخ
امام بخش منور
محرم راز

پنهنجي پاران

اسانجي سماج کي جيتري سهپ ۽ بردباري جي ضرورت هن وقت آهي، تاريخ ۾ اوتري شايد ڪڏهن به محسوس نه ٿي هوندي. هن وقت اسانجو معاشرتي ڍانچو جيڪو تيزي سان نفرتن جي اڏي تي ڪٽرپڻي جي ڪات سان ڪپجندو پيو وڃي انهي مان شڪ اپري ٿو ته ڪٿي اسان پنهنجي روايتي سنڌي سڃا واري سڃاڻپ ئي نه وڃائي ويهون. جيڪا اسان جي صوفي درويشن ۽ بزرگ عالمن وڏي جاکوڙ سان دنيا آڏو پيش ڪري ، سنڌ کي امن جي ڌرتي سان مشهور ڪيو. بحر حال هن ڏکي وقت ۾ به وري اسان وٽ ان مرض جو علاج انهي ئي صوفي سرواڻن جي تعليمات مان ملي ٿو. جنهن کي جيڪڏهن اسان عام ڪري ان تي عمل ڪيون ته اسان هڪ دفعو وري امن پسندي جا علمبردار بڻجي سگهون ٿا.

ان سلسلي ۾ اسان جي تنظيم پنهنجي وس آهر پنهنجون ڪوششون مختلف طريقن سان نڀائيندي پئي اچي جنهن جو هڪ مثال هي چوٿون پبليڪيشن اوهان جي هٿن ۾ آهي. جيڪو اسان عشق ۽ امن جي مبلغ ۽ صوفي شاعر حضرت قادر بخش "بيدل" جي ١٣٩ هين عرس مبارڪ جي موقعي تي شايع ڪيو آهي. اميد آهي ته اسان جي هي حقير ڪوشش قبوليت جو شرف حاصل ڪندي.

ڪيو خوار خود بيني توکي پر سان نه تنهنجو پيچ پيو
ڦاٿين دوئي جي دام ۾ وحدت جي تو ڪون واس ويو
لنئو عشق جي جنهن کي لڳي دارين جي لڙ ڪان لنگهيو
پاڻڻ ڪان جو بيزار ٿي محبوب جي در سو اڳهيو

ادارو

ايڊيٽر: علي اطهر موسائي
معاون ايڊيٽر: امداد علي دايو

تعارفي سلسلو

مون سين ڏٺا ماء

منل مسرور

هن دورنگي ديس ۾ رب تعاليٰ انسان ذات ۾ يڪ رنگي ڪرڻ جي ارادي سان وقت بوقت پنهنجي محبن مقربن مان، جن بہ شخصن کي ارسال ڪندو رهيو آهي تن پنهنجا ذاتي مقصد ۽ مطالب بالاطاق رکي ، هن دنيا ۾ رهندڙ ماڻهن کي سداري جو سوجهرو مهيا ڪري ڏيندا رهيا آهن. موجوده دور ۾ اهڙين شخصيتن مان فقير فتح علي بہ وڏي اهميت جو حامل رهيو آهي.

فقير صاحب سال ١٩١٨ع ڌاري سکر ۾ جنم ورتو. سندس والد سڳوري جو اسم گرامي حاجي محمد هو. سندن تعلق سومرا خاندان سان هو.

سال ١٩٤٦ع جو ذڪر آهي تہ راقم (مان) پنهنجي والد فقير غلام علي مسرور سان گڏ هادي سائين سرڪار حضرت بيدل عليه رحمة جي عرس واري موقعي تي آيو هوس. ان زماني دوران فقير مسرور سکر بئراج ۾ سپروائيزر تپيداري جي عهدي تي ڪم ڪندو هو. سکر ۾ نوڪري ۽ حضرت روهڙي جي ويجهڙائيء جي سهولت سبب حضرت بيدل ۽ حضرت بيڪس جي درگاهہ تي عمارت سازي جي ڪم ڪرائڻ جو موقعو مليو هوس. خاص طور، ڪاٺ تي رنبي جي ڪم ڏانهن سندس توجہ وڌيڪ مرڪوز هو. هن ڪم ۾ شڪارپور جو مستري شير محمد پٺاڻ ۽ ڪجهہ مطلباتي ۽ بابلاتي قوم جا ڪاريگر ڪم ڪندا رهندا هئا. ذڪر ڪيل دور دوران پوري سنڌ ۾ ورهاڱي وارو وڳوڙ برپا هو. فقير پاڪ مسرور سائين ان ميلي ۾ ، پنهنجي هندو دوستن کي آٿت ڏيڻ لاء انفرادي طور سڀ سان ملي رهيو هو.

هن ميلي ۾ هڪ طرف هندو مسلمان نوجوان هڪ جهرمٽ لڳائي ويٺا هئا. سچ تہ ان ننڍي عمر ۾ منهنجو بہ خيال انهن جي سهڻين صورتن ۽ دلڪش لباس کي ڏسي گد گد ٿيڻ لڳو هو. فقير بابا منهنجي طرف توجہ ڪيو. تہ منهنجو چهرو بہ فقير مسرور بابا جي طرف مڙي ويو. جڏهن مون سندس چهري مبارڪ طرف ڏٺو. تہ پاڻ مرڪي رهيوهو. سچ تہ سندس اها من موهيندڙ مرڪ منهنجي لاشعور ۾ اڃا تائين محفوظ آهي بهرحال پاڻ مون کي هٿ کان وٺي انهن نوجوانن سان ملايائين. بين نوجوانن متعلق اڳتي هلي تہ ڪا ڄاڻ نہ رهي بلڪ فقير فتح علي سائين جي شخصيت کي اڄ ڏينهن تائين وساري نہ سگهيو آهيان. ڇاڪاڻ تہ انهن نوجوانن مان بابا سائين ... ٻڌايو تہ هي سومرو فقير فتح علي آهي ۽ مون کي اهو لڳو تہ ... سندس نهايت لاابالي طبيعت جو مالڪ آهي. جڏهن ... مون طرف ڏسنديئي چيوتہ هن سهڻي ڪان مان هڪ چمي ضرور وٺندس ۽ ايئن چئي پنهنجي جاء تان اٿي منهنجي طرف وڌڻ لڳو. جنهن تي فقير مسرور بابا کيس چيو تہ "فتح علي هڪ ڳالهہ جو وعدو ڪر. پوء ڀلي هن ڪان تون چمي وٺ" تنهن تي فقير فتح علي سائين فقير بابا مسرور کي ڏسندي چيو تہ سائين آهي شرط وري ڇاجا؟ ان تي فقير بابا چيس تہ فتح علي اڄ کانپوء هن نينگر کانسواء ٻئي ڪنهن کان وري چمي نہ وٺندين تہ ڀلي هن کان چمي وٺ. سچ تہ ان ڏينهن کان وٺي فقير فتخ علي منهنجي توجہ جو مرڪز پئي رهيو.

مان جڏهن بہ سرڪار بيدل عليہ رحمة جي درگاد تي ايندو هوس تہ کيس غور شان ڏسندو رهندوهوس. هي صاحب دائمي طور صبح جو سوير اذان کان بہ اڳ درگاد شريف تي ايندو رهندو هو. اهو يادگيرو ان سبب بہ اٿم تہ صفائي ڪرڻ وارو ملنگ مٿس سختي ڪندو هو ۽ چوندو هوس تہ ڀهريائين مان صفائي ڪري رهان تہ پوء ايندو ڪر. پر هي لاابالي درويش اها جرح سهندي بہ پنهنجي معمول کي تبديل نہ ڪري سگهيو ۽ فرمائيندو هو تہ عشق وارن تي دعويدارن جي جرح لازمي آهي. سور سختيون سچي سڪ رکڻ وارن جو سنگهار آهي. سبحان الله

فقير فتح علي سائين ان دور ۾ سيمنٽ فيڪٽري روهڙيء اندر روزانو ملازمت بہ ڪندو هو. نوڪري جي مقرر وقت بعد شام جو بہ روهڙي شهر ۾ دائمي طور درگاد عاليہ تي ايندو هو. سندس رهائش ۽ پرپات جو درگاد هجي يا سکر ۾، بهرحال جتي بہ هوندو هو رات شريف تي سلام ضرور پريندو هو

فقير فتح علي سائين بمبئي يونيورسٽي مان مئٽرڪ جو امتحان بہ پاس ڪيو، جنهن بعد شهر جي گانگوٽي اسڪول ۾ ماستري ڪندو هو. ماستري دوران سائين دستڪاري ماڊل ٺاهڻ، مصوري ۽ نقاشيء جي ڪم کي بہ خوب سر انجام پئي ڏنو. سندس پاڻيجي پروفيسر غلام شبير صاحب ٻڌايو تہ هڪ ڪاغذ مان ٺهيل هنداڻو اڄ تائين گانگوٽي اسڪول ۾ يادگار طور رکيل آهي. جنهن جي ڏسڻ سان اصل ۽ نقل جو فرق محسوس ڪري نہ سگهبو.

ماستري جي ملازمت دوران کيس حڪمت ڪرڻ جو بہ شوق پيدا ٿيو. جنهن سبب هو ڪوئيٽ مان ڊاڪٽريء جو شارٽ ڪورس پاس ڪري روهڙي جي شهر ۾ ڊاڪٽريء جا فرائض انجام ڏيڻ لڳو. سندس ڊاڪٽريء جو ڌنڌو خوب کان خوب تر روان دوان پئي رهيو. ٿورڙي ئي وقت ... کيس آريہ ويدي، يوناني ۽ سنڌي طب جو شوق پيدا ٿيو. پر هن قسم ...جا ڪاليج اڪثر بيشتر پنجاب ۾ هوندا هئا، جنهن ۾ لاهور جي طب... داري جي وڏي اهميت هئي. ان ڪري فقير ڊاڪٽر فتح علي لاهور مان بہ حڪمت جي سند حاصل ڪري آيو. نيڪ روشن هجي تہ ايڏي مصروفيت هوندي بہ مرشد سرڪار بيدل عليہ رحمة جي حضور ۾ اچڻ کان پيرو نہ ڀڳائين.

نوخيز نوجوانن سان سندس خاص دلچسپي هوندي هئي. ڊاڪٽر فتح علي سائين جي ڀاڻيجي پروفيسر غلام شبيرجيڪو پاڻ بہ مٺڙي پياري آواز ۾ عارفاڻو ڪلام ڳائيندڙ آهي، تنهن ٻڌايو تہ ماما سائين

اسان نوجوانن کان فلمي گانا ٻڌندو هو. پر ان ڳائڻ دوران فلمي مجازي ڳانن جي لفاظيء مان روحاني ۽ معنوي مفهوم ڪڍي تصوف جي ڇاڻ ڏيندو هو. مان پوري صدق دليء سان چوان ٿو ته سندس ان صوفياڻي مزاج اسان ۾ تصوف ۽ عارفاڻي ڪلام پڙهڻ ۽ ڳائڻ جو جذبو پيداڪيوجيڪو اڃ تائين قائم آهي. سائين غلام شبيرصاحب وڌيڪ ٻڌايو ته "حضرت خواجه غلام فريد فاروقي (متوفي ١٣١٩هه 1901ع) جو ڪلام ٻڌندي، ماما سائين تي استغراق طاري ٿي پوندو هو خاص طور جڏهن "ميڏا عشق وي تو ميڏا يار وي تو" ڪلام ڳايو ويندو هو. جنهن مان اسين اهو محسوس ڪندا هئاسين ته ماما سائين وڏي حال جو صاحب آهي. اهڙي طرح حضرت بيدل عليه رحمة جي ڪلام ٻڌڻ وقت سندس چهرو ۽ نيڻ لال گلال وانگر ڳاڙها ٿي پوندا هئا. هن ذڪر ڪيل جذبه تي ضبط ڪرڻ وقت سندس نيڻن مان فقط لڙڪن جون قطارون وهي هلنديون هيون.

فقير ڊاڪٽر فتح علي سائين هلڪي مٺڙي آواز ۾ سرڪار بيدل ۽ بيڪس جي ڪلامن جا سر به سمجهائيندو هو ۽ بينجو جي ساز سان سندس سٺو لڳاءُ هو. پاڻ پنهنجي شوق وارو بينجو راقم حروف کي تحفي طور بخشيو هئائين، جيڪو اڃ به مون وٽ محفوظ آهي. منهنجي ساڻس اڪثر ملاقات سرڪار حضرت بيدل ۽ بيڪس جي درگاه تي ٿيندي هئي. پاڻ تصوف جي عرفان جو بحر هو. آءِ بذات خود ڪائنس تمام گهڻو متاثر هوس. تصوف متعلق ڪجهه سوال جيڪي هِن وقت جي بزرگن کان پڇيا ويندا هئا ته اهي ڪاوڙجي ويندا هئا، پر فقير فتح علي سائين اهي ذڪر ڪيل سوال وڏي مٺي لهجي ۽ وضاحت ڀريل لفظن ۾ سمجهائيندو هو. پاڻ تصوف جي خاص خاص ڪتابن جو پهريان مشورو ته ڏيندو هو پر بعد ۾ اهي ذڪر ڪيل ڪتاب پڙهڻ لاءِ به ڏيندو رهندو هو. ان مرحلي دوران فتح علي سائين فرمائيندو هو ته مثل اڄوڪي دور ۾ پير گهڻا پر فقير اڻ لڀ اٿئي. پاڻ جن ڪتابن جي پڙهڻ جو مشورو ڏنائين ان ۾ تذڪره غوثيه از حضرت غوث محمد پاڻي پتي، نفحات الانس از مولانا عبدالرحمان جامي، مثنوي رومي از مولانا جلال الدين رومي شامل هوندا هئا. ان بعد فرمائيندو هو ته حضرت پٽ ڌڻي ، حضرت سچل سرمست ۽ حضرت بيدل بيڪس جو ڪلام ڳائڻ
فقير ڊاڪٽر فتح علي سال ١٩٨٩ع وڃائڻ لاءِ ڪافي آهي.
کان سخت علالت ۾ رهيو ۽ پورن ٻن سالن گذرڻ کانپوءِ مس مس ڪجهه قدر صحتياب ٿيو. هن صوفي منش فقير جو عقيدو ۽ عشق خاص طور فقط حضرت بيدل سردار سان هو، سندس گفتگوءِ مان ڪڏهن ظاهر ٿي پوندو هو ته کيس باطني طور بيعت ۽ ديدار مليل هو.

پاڻ ڪافي منجهيل ۽ بي يار و مددگارن ۽ بيمار ماڻهن جي بغير لالچ بي لوث به خدمت ڪيائين، پر پنهنجي لاءِ هر ڪنهن قسم جي سوال ۽ عرض کي معيوب سمجهندو هو.

مون هڪ دفعي شڪارپور جي ديوان واري هوٽل تان مائو وٺي وٽس ڪٽي ويس، جڏهن مون اها مٺائي واري پڙي کيس ڏيڻ لاءِ هٿ وڌايو ته سندس چهري ۾ هيبت نما ناڪار جي ريکا اڀري آئي. جنهن سبب مون اها مٺائي واري ڇٻي ڦيري پنهنجي طرف ڪري رکي ڇڏي، پر ٻئي طرف پاڻ ڪجهه ڏيڻ ۾ ويرم ئي نه وجهندو هو. سخي دل فقير فتح علي سائين انيڪ گڻن جو مالڪ هو. جنهن بابت تفصيل ۾ وڃڻ وڏو ڪٺن ڪم آهي. بهرحال

ڏني ڏکويا اڻ ڏني راضي ٿيا
صوفي سي ٿيا جن ڪين ڪنئي پاڻ سان

فقير فتح علي سائين جو طرز تڪلم نهايت دلڪش، خيال کي اڏام بخشيندڙ ۽ مشاهدي جي محويت ڏيندڙ هو. سچ ته سندس صحبت ڪچهريءَ ۾ اڻ ڏٺا تصور ۽ لقاءِ اڀري ايندا هئا. فقير فتح علي سائين همه اوست جي حال جو ديوانو هو، هر ڪنهن صورت، وٽ ۽ وٽج ۾ پرين کي پسندڙ هو، حقيقت ۾ اظهار گفتار ۽ ڪردار ۾ همه اوست جو هڪ منفرد مظهر هو.

فقير فتح علي سائين کي قدر علالت جي سبب جون مهيني ۾ سال ١٩٩١ع ڌاري وصال ڪيو. کيس ٢٣ ذوالقعد الحد انوار ۾ مدفن ڪيو ويو. ياد رهي ته اها ٢٣ ذوالقعد، حضرت حضرت حسين بن منصور شهيد حق جي باطني پرواز واري ٿي تاريخ آهي. بارگاه بيدل جي ڏکڻ طرف سندس مزار آهي. هر سال ذوالقعد مهيني جي سورهين (عرس مبارڪ حضرت بيدل) ۽ ٽيويهين ذوالقعد (شهيد حق حسين بن منصورحلاج) تي پراڻي سکر جا صوفي نوجوان منصور حلاج قدس هو جي ورسي واري موقعي تي سندس مزار تي عقيدت مان چادر وجهندا رهندا آهن. نيڪ روشن هجي ته سورهين ذوالقعد تي حضرت بيدل سرڪاز جي فقراءِ ۽ سجاده نشين طرفان به هڪ چادر پاڪر طور ڀهرائي ويندي آهي.

هٿا جي محبت ۾ سي مري ٿيا ذمات
سورهيه سدا حيات هت هت جوڳي جيئرا

سائين سنجرپور وارو

امام بخش منور روهڙي

روهڙي ۾ حضرت فقير قادربخش بيدل جي درگاه تي ٿيندڙ تقريبن ۾ جهڙوڪ حضرت قادربخش، سندس فرزند حضرت محمد محسن بيکس فقير، حضرت سيد نواب شاه سڪايل جن جو ساليانو عرس مبارڪ ۽ هر چنڊ جي ٢٠ تاريخ (٢١ جي رات) قلندر شهباز جي تقريب يا هر جمعة المبارڪ جي شام جو ٿيندڙ چوڪي (عارفاتي محفل) ۾ هونئن ته هزارين طالب فقير، رياضت ڪندڙ، زائرين ۽ عقيدتمند شرڪت ڪري فيض حاصل ڪن ٿا.پر انهن شخصيتن ۽ فقيرن ۾ ڪي شخصيتون اهڙيون به اچن ٿيون جيڪي آيل زائرين ۽ عقيدتمندن ۾ نمايان هونديون آهن. جن تي بيدل فقير جو خاص قرب ۽ نظر عنايت آهي ۽ اهي شخصيتون درگاه تي ٿيندڙ تقريبن ۾ ضرور شامل هونديون آهن. اهڙين نمايان شخصيتن جو تعارف پيش ڪرڻ جو خيال منهنجي استاد محترم اديب، شاعر، محقق اختر درگاهي جن جو آهي. جنهن مون کي (راقم الحروف) کي اهڙو شوق ڏياريو ۽ استاد محترم جي اتساه سان هڪ شخصيت جو تعارف پيش خدمت آهي.



درگاه بيدل بيڪس تي ٿيندڙ هر تقريب ۾ هڪ درويش صفت انسان، جنهن جي نوراني صورت، اڇي سونهاري اڪثر سنڌي ٽوپي ۽ سفيد لباس پهريل، تسبيح هٿ ۾ ۽ هميشه باوضو صوفيانه محفل ۾ وڏي رقعت، ڪيف ۽ ڪلال واري حالت ۾ نظر ايندو آهي. جنهن جو اصل نالو سيد غلام مصطفي شاه آهي.

سيد غلام مصطفي شاه ٠٧ آڪٽوبر ١٩٣٤ ع ۾ پنجاب جي شهر سنجرپور ضلع بهاولپور ۾ حضرت حافظ رحيم بخش شاه صاحب جي گهر جنم ورتو. حافظ رحيم بخش شاه پڻ ولايت جا صاحب ٿي گذريا آهن. سائين غلام مصطفي شاه پنهنجي ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ سنجرپور جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي. ١٩٥٠ع ۾ صادق گورنمينٽ هاء اسڪول بهاولپور مان ميٽرڪ سٺن نمبرن ۾ پاس ڪيائين. ١٩٥٤ع ۾ گورنمينٽ ڪاليج بهاولپور مان بي اي جي ڊگري حاصل ڪيائين. سائين اسڪول ۽ ڪاليج ۾ هوشيار شاگردن ۾ ليکبو هو. پاڻ اسڪول ۽ ڪاليج ۾ پڙهائي سان گڏ راندين ۾ پڻ حصو وٺندو هو. خاص ڪري فوٽ بال راند.

بي اي جي ڊگري حاصل ڪرڻ سان ئي ١٩٥٤ع ۾ استاد جي هيثيت سان نوڪري ملي، سندس پهرين مقرري ميونسپل هاء اسڪول روهڙي ۾ ٿي جتي پاڻ "تاريخ" پڙهائڻ شروع ڪئي ۽ سندس رهائش روهڙي جي علمي ادبي خاندان جي چشم چراغ مرحوم سيد شفقت حسين شاه موسوي وٽ ٿي. ان وقت سائين غلام مصطفي شاه سان گڏ استادن ۾ مرحوم الله ورايو شاه، مرحوم الاهي بخش شيخ جنهن بعد ۾ وڪالت ڪئي، مرحوم مخدوم عبدالرؤف قريشي جيڪي دائريڪٽر ايجيوڪيشن جي عهدي تان رٽائرڊ ٿيا. مرحوم الحاج عبدالمجيد چاچڙ ڊرائنگ ٽيچر، مرحوم عبدالصمد قاضي، مرحوم محمد علي قاضي ۽ مرحوم استاد عبدالقادر شيخ جن هئا. ان دور ۾ سائين جن وٽ پڙهندڙ پيارن شاگردن ۾ سيد علي بخش شاه رضوي ڪوٺائي، سنڌ جو مشهور شاعر، اديب مرحوم پروفيسر درگاهي ميراٿي، مرحوم صالح محمد شاه رضوي (وڪيل) عبدالستار آخوند، ممتاز شيخ، ڪوشي ديوا وغيره هئا.

بقول سائين جي ته بدرالدين علوي (شڪارپور) هيڊ ماستر ڪي شاگردن مان درگاهي ميربحر گهڻو وڻندو هو. درگاهي شاه عبداللطيف سرڪار جو ڪلام "رهي وڃ رات پنهور ۾" اهڙي ته مٺي ۽ سريلي آواز ۾ ترنم سان پڙهائيندو هو جو اسين روئي پوندا هياسين، پر افسوس جو درگاهي جي حياتي سندس گهڻو ساٿ نه ڏنو، پر شڪر جو سندس فرزند ارجمند اختر درگاهي آهي جنهن کي ڏسي درگاهي جي سڪ لهندي آهي. شل اختر کي خدا شاد آباد رکي.

سائين غلام مصطفي شاه فٽبال جو تمام سٺو رانديگر رهيو آهي جنهن روهڙي ۾ "روهڙي فٽبال ايسوسيئيشن" جي نالي سان ٽيم جوڙي جنهن جو صدر مرحوم سيد شفقت حسين شاه موسوي صاحب جن هئا ۽ ٽيم جو ڪيپٽن محمد احسن ريلوي ملازم هيو. سائين جن جي محنت سان اها ٽيم پاڪستان جي قومي ٽيم ۾ شامل ٿي. ان وقت آل پاڪستان فٽبال جي طرفان حيدرآباد ۾ ٽورناميٽ ٿي جنهن ۾ پاڪستان جي ٽيم جو انڊيا سان مقابلو ٿيو جنهن ۾ پاڪستان جي ٽيم سوڀ ماڻي. اها سائين جي جوڙيل ٽيم روهڙي فٽبال ايسوسيئيشن جي محنت جو نتيجو

Scanned with CamScanner

هيو. جنهن ۾ پاڪستان جي وڏي ڪان وڏي شيلڊ ان ٽيم جي نصيب ۾ آئي جيڪا ان وقت مادرملت محترمہ فاطمہ جناح جي هٿان سائين غلام مصطفي شاه جن وصول ڪئي. ٽيم جا ٻيا قابل ذڪر رانديگر، علي محمد شاه (ڪوٺائي) الله ورايو شاه(ڪوٺائي) چوڌري منظور(ريلوي ملازم) عبدالستار (گول ڪيپر) بچل عرف بچو(خيرپور) ۽ چوڌري نظر محمد جيڪو سائين جو پراڻو دوست ۽ ساٿي هيو. ميچ ۾ سوڀ ملڻ کان پوءِ روهڙي ۽ سکر ۾ زبردست جشن ملهايا ويا.

سائين غلام مصطفي شاه صاحب ٢ سال استاد جي حيثيت ۾ روهڙي ۾ رهي واپس پنهنجي ڳوٺ بهاولپور ويا. جتي وري ١٩٥٨ع ايڪسائيز ڊپارٽمينٽ پنجاب ۾ ٽيڪسيشن آفيسر مقرر ٿيا. دوران ڊيوٽي جي والده ماجده جي حڪم سان ٨ سال ڪيل ڊيوٽي کي خيرباد ڪيوءِ پاڻ ياد الاهي ۽ فقيري رنگ ۾ رنگجي ويو.

ان حوالي سان پاڻ ٻڌايائون تہ ١٩٨٠ع ۾ پنهنجي دوستن علي حسن مهر ۽ گل محمد مهر سان گڏجي پهريون ڀيرو جيئين ئي درگاه بيدل بيڪس تي زيارت لاءِ حاضر ٿيس تہ پهرين ڏينهن ئي بيدل سائين پنهنجو ديدار ڪرايو ۽ ان ڏينهن کان اڄ تائين بيدل سائين پنهنجي محبت سان گهرائين ٿاءِ پنهنجو ديدار پسائين ٿا. هن وقت ضعيف عمري ڪري طبيعت ناساز هوندي آهي ۽ بيدل سائين تي ٻہ وڃڻو هوندو آهي تہ ڪرامت سان طبيعت ٺيڪ ٿي ويندي آهي ۽ اهڙي حالت ۾ بہ بيدل سائين خاص عنايت سان گهرائيندا آهن. جيڪي مون عاجز تي فقير بيدل صاحب جن جي خاص عنايت آهي. جيڪا مان پنهنجي لاءِ وڏي سعادت سمجهندو آهيان.

درگاه شريف تي سندس صحبتي فقيرن ۾ مرحوم ميان بيگ محمد قريشي سابق گادي نشين جيڪو درگاه بيدل و بيڪس جي موجوده گادي نشين ميان غلام نجف قريشي جا والد آهن. مرحوم الاهي بخش شيخ صاحب جيڪي روينيو ڊپارٽمينٽ ۾ اعلي عهدي تي فائز هئا. مرحوم رسول بخش پيٺي.



مرحوم مخدوم غلام رسول (وار مبارڪ وارو) مرحوم مهدي شاه. فقير احمد بخش المعروف مٺل مسرور. ممتاز فقيرمرحوم نظام الدين فقير، غلام حسين فقير(پيرڳوٺ) ارباب علي فقير(پيرڳوٺ) حاجي عاشق علي "ڌمالي فقير" شامل آهن.

سائين غلام مصطفي شاه جي شادي پنهنجي سادات گهراڻي مان ٿيل آهي، جنهن مان کيس ٦ نياڻيون ۽ ٦ پٽن جو اولاد آهي، جيڪي الله جي فضل سان سڀ شادي شده آهن. ٽن فرزندن کي گورنمينٽ جي ملازمت آهي ۽ ٽي فرزند پنهنجو ڪاروبار ۽ زمين سنڀالين ٿا.

سائين شاه صاحب جن جي پنهنجي بزرگن جي درگاه سيد قطب الدين شاه ۽ سيد تاج الدين شاه (ٻئي ڀائر) سنجر پور(پيڙا قلعا) سرواهي ۾ آهي. سائين قطب الدين شاه ۽ سائين تاج الدين شاه، غوث بهاول الحق ملتان شريف جا هم عصر آهن، ان درگاه شريف جي عرس مبارڪ تي ۽ هر وقت مولود شريف ۽ نعت خواني ٿيندي رهندي آهي جنهن ۾ ملڪ جا ناليوارا مولوي ۽ نعت خوان شريڪ ٿيندا آهن. ان درگاه مبارڪ جا هيئنر گادي نشين پڻ پاڻ سيد غلام مصطفي شاه جن آهن. پاڻ قادريہ سلسلي جي بزرگ سيد عبدالرحمن عرف پورل سائين پرچوندي شريف جا دست بيعت طالب آهن.

سائين جڏهن بہ بيدل سائين جي درگاه شريف تي ايندو آهي تہ سندس حلقہ احباب ۾ سيد محمد شاه بخاري "حسيني" سجاده نشين درگاه "شهيد صادق شاه بادشاه جيڪب اباد" عبدالحليم، ميان حضورالدين "حضوري" انيڙفقير، احسان علي کوهارو، شمس الدين منگي، غلام اصغر سنجراڻي، زاهد حسين، حاجي علي نواز منگي شامل هوندا آهن.

اسان جي دعا آهي تہ الله پاڪ کين شال مڪمل صحت مندي سان عمردراز عنايت ڪري جيئن سائين جن جي فيض جي سبيل جاري ۽ ساري رهي. آمين

Scanned with CamScanner

بيدل – هڪ صوفي شاعر

اختر درگاهي

سنڌ جي برک ڏاهي رشيد ڀٽي هڪ هنڌ لکيو آهي ته تاريخ جي مطالعي مان پتو پوندو ته هر مذهب وقت، دور ۽ سماج ۾ هڪ سڌارڪ ۽ انقلابي تحريڪ جي روپ ۾ اڀريو ۽ اسريو آهي. اهوئي سبب آهي جو هر مذهب ۾ اسانکي عالمي هڪجهڙايون ملن ٿيون جهڙوڪ الله جي وڏائي ۽ حاڪميت، نيڪي ۽ چڱائي جي تلقين، انسان جي ڀلائي ۽ سماج جو سڌارو.

جڏهن اسان تصوف تي نظر وجهئون ٿا ته اهو اسان کي هر مذهب جو بنيادي مرڪز، نچوڙ ۽ روح نظر اچي ٿو. تصوف دراصل خدا سان انسان جو ذاتي تعلق وارو جذبو آهي. مذهب لاءِ انگريزي لفظ (رليجن) لئٽن زبان جي لفظ (رليگوري) مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ته انسان جو خدا سان ڳانڍاپو. تصوف پنهنجو ڀهريون اظهار رياضت ۽ نفس ڪشي کان ڪيو آهي. مون هڪ ڪتاب ۾ پڙهيو ته پيغمبر عليه السلام جي ڏينهن ۾ ئي انجا ڪجھ اصحاب دنيا کي حقير سمجهندا هئا ۽ عيش آرام کان عاري زندگي بسر ڪندا هئا. اڳتي هلي تصوف ۾ انهي رسمي عبادت جي برعڪس خدا سان محبت جو عنصر نمايان ٿيندو ويو. حضرت بيبي رابعہ بصري هڪ هنڌ چيو ته ”الله جي محبت مونکي اهڙو ته جذب ڪري ڇڏيو آهي، جو هيئنر منهنجي دل ۾ نه محبت آهي، نه نفرت ۽ نه ڪا ٻي شيءِ“ ۽ اهڙو الله جو عشق جڏهن حضرت بيدل کي مليو ته هو شڪراڻو ڳٽي

عشق عطا ڪيائون توکي بيدل ڪر شڪرانا

خدا سان محبت ڪندڙ اهڙن صوفين کي قرآن ۽ حديث جي رسمي يا سطحي تعليم جنهن ۾ صرف روزي، نماز ۽ حج وغيره تي زورڏنل هو، ان مان تسڪين ڪانه ملي، پر اها ڳالھ سمجهڻ گهرجي ته انهن رسمي عبادت کي رد نه ڪيو هو پر مذهب جي روايتي ۽ خشڪ طرز عمل کان [illegible] ڪونه ٿيا جيئن شاه لطيف فرمايو ته:

روزو ۽ نماز اي ءِ پڻ چڱو ڪم
اهو ڪو ٻيو فهم جنهن سان پسين پرين کي

اهڙو ئي اظهار اسان جي بيدل سائين هن طرح ڪيو آهي.

ڪشف قبور قلوب نه منگين
منگين درد هڪلا
مئي نوشان دا مشرب چوڪا
تسبيح چوڙ مصلا
منصوري منصب دا بيدل
هي مقصود معليٰ

بيدل جي نزديڪ سندس محبوب جو چهرو ئي هن لاءِ ڪعبو ۽ قبلو آهي، سندس اڳواڻ ۽ اما عشق آهي، جنهن جي هوندي ظاهري عبادت ڏيکاءُ آهي.

مک ماهي دا ڪعبہ قبليٰ عشق امام حقاني
زهد عبادت تقويٰ تاون اعليٰ عشق رباني

دراصل تصوف ڪجھ مذهبي پيشوائن جي ڪٽرپڻي ۽ انهن طرفان مذهب جي ڇڏيل اصلي روح جي رد عمل ۾ پڻ اسريو آهي، جو ته ڪجھ مذهبي مبلغن مذهب کي صرف ۽ صرف الله جي پيروي تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي، انهن انسانن جي عالمي وحدت، عظمت، عزت ۽ الله سان ان جي تعلق کي اجاگر نه ڪيو. اهڙن مذهبين خالق ۽ مخلوق ۾ ويڇو وجهي ڇڏيو. هنن جي نزديڪ خالق صرف عرش تي ۽ مخلوق فرش تي آهي. يعني ڪابہ محدود هستي لامحدود ۾ ضم ٿي نه ٿي سگهي. جڏهن ته صوفين وٽ انسان جو رتبو تمام مخلوڪات کان اعليٰ آهي ۽ قرآن جو موضوع ئي انسان آهي. انسان هن ڌرتيءَ تي الله جو خليفو آهي، آدم سر الٰهي آهي ۽ ا جو پرتوو ۽ ظهورو آهي. انسان جي اها عظمت ۽ ان جو خدا سان تعلق قرآن پاڪ جي هنن آيتن مان ظاهر ٿئي ٿو.

نفخت فيہ من الروح فقعولہ ساجدين

(جڏهن مان آدم جي جسم ۾ پنهنجو روح ڦوڪيان تڏهن اوهان ان جي اڳيان سجدي ۾ جهڪي وڃو)

لقد ڪرمنا بني آدم

(اسان آدم کي مڪرم ڪري پٺايو آهي)

الانسان سري وانا سره

(انسان منهنجو راز آهي ۽ مان انسان جو راز آهيان)

نحن اقرب اليہ من حبل الوريد

(اسان انهن کي شہ رگ کان بہ ويجها آهيون)

انسان جي اها عظمت ۽ ان جو خدا سان رشتو بيدل سائين جي هنن شڪرن مان بخوبي ظاهر ٿئي ٿو.

آهيان مان اسرار عجائب ٿي آيس انسان
ٻانهپ ٻولي نانھ ڪا سارو سر سبحان

خلق ادم اعلي صورت غير خدا جو ناهين
بيدل بندو نانهہ تون چو ٿو ڪوڙ ڪمائين

ڏس شان شاهي پنهنجو ڇڏ عبديت اوٿار ميان
سار لهين سڌ پنهنجي آهين يگانو يار ميان

اهڙي طرح هر صوفي مفڪر جيان بيدل جي ڪلام ۾ به انساندات جي عظمت، وحدت ۽ ايڪائي نظر اچي ٿي

حقيقت ۾ هڪ ٿيو ڪفر ۽ ايمان
مظهر مولا پاڪ جو هندو مسلمان
.تارا ڪيا تالان سورج سندي سوجهري

جڏهن انسان پنهنجي عظمت پرکي ۽ پنهنجو پاڻ سڃاتو ته پوءِ هن ۾ پنهنجي خالق سان ويجهي اچڻ ۽ ان ۾ فنا ٿيڻ جي خواهش پيدا ٿي. اگتي هلي انهيءَ الله جي محبت هڪ اهڙي ازلي عشق جو روپ اختيار ڪيو جنهن کي صوفين روحاني قوت تسليم ڪيو. صوفين جي وحدت الوجودي فڪر جي سرواڻ بايزيد بسطامي انهي محبت پري عبادت کي هڪ جذباتي ۽ مجازي موڙ ڏنو. هيئنر عشق جستجوءَ جو نانءُ بڻجي ويو. جيئن شاه لطيف فرمايو:

ڳوليان ڳوليان م لهان شال م ملان هوت

انهي عشق جي جذبي کي جڏهن عبادت جي درجي تي پهچايو ويو تڏهن حقيقي عشق جي منزل ماڻڻ لاءِ مجازي محبت جو رستو اختيار ڪرڻ لازمي بڻجي ويو. اهڙي مجازي محبت جي درجي تي اسان جو بيدل سائين هڪ نرالو ۽ منفرد عاشق نظر اچي ٿو.

ڪونه ڏٺو سين جڳ ۾ جيڏيون عشق جهڙو آزار
دوا درمل نانهن انهنجو جيڪي برد سندا بيمار

اکيون اڙايم هوش گنوايم من مستانو ٿيو ڙي جيڏيون
مونکي بي خود بي اختياري ڪيفي نيڻن ڪيو ڙي جيڏيون

مجازي عشق جي اهڙي حالت ۽ مستيءَ سبب عاشقن کي دنيا پاران ملامت پلئہ پوندي آهي پر هڪ سچو عاشق خوشيءَ سان اها ملامت سر تي کڻندو آهي جيئن حافظ جو شعر آهي ته:

گرچہ بدنامي است نزد عاقلان
ماتضي خواهيم ننگ و نام را

اهڙي ريت بيدل به عشق جي راه ۾ هر بدنامي اکين تي کڻي ٿو ۽ بزرگيءَ جي جاءِ تي رنديءَ کي اهميت ٿو ڏي.

برهہ جا بار بدناميون چمي چشمن تي چايا سي
بزرگيءَ کان پڇي بيدل رنديءَ جا رنگ رچايا سي

اهڙي عشق ۾، محبوب ۽ عاشق پاڻ ۾ جذب ٿيڻ جي صورت اختيار ڪئي ۽ هڪ مخصوص وجدانيت پيدا ٿيڻ لڳي. عشق ۾ وجد جي ان منزل تائين پهچڻ لاءِ صوفين اجتماعي حال، سماع ۽ راڳ ويراڳ کي عبادت ۾ داخل ڪيو. انهيءَ جو اظهار بيدل هن طرح ڪيو آهي.

سالڪ رمز سرود جي سمجهن مورک مول نہ مڃن ڪڏاهان
راڳ جا قائل من جا مائل وٺن سي رمزن واريون راهان
سٽي سرود سڪر ۾ بيخود بي سر پهرن قرب ڪلاهان
ناچ نچائن ڳائن ڳائن عرشون لنگهن انهن جون آهان
نيهن ۾ پاڻ نچائج بيدل درد جو يار دليون ٿج خواهان

اهڙي وجدانيت واري ڪيفيت ۾ عاشق ۽ معشوق، حقيقت ۽ مجاز، محدود ۽ لامحدود، پاڻ ۾ ضم ٿي هڪ ٿيڻ لڳو ۽ انساني روپ ۾ اها اصل ذات ظاهر ٿئي پئي، جيئن بايزيد فرمايو "منهنجي جيءَ ۾ ڪجهہ به نہ آهي سوا خدا جي" ۽ اهو پڻ چيائين ته "سبحاني ما اعظم شاني" پاڪائي جڳائي مونکي ڪيڏو نہ آهي شان منهنجو ساڳي ڪيفيت جو بيان ڪندي جنيد بغدادي فرمايو ته " الله ٽيهہ سال جنيد جي زبان ۾ ڳالهايو پر اها خبر نہ جنيد کي هئي نہ خلق کي" انهيءَ فڪر کي حسين بن منصور حلاج اڳتي وڌايو ۽ "اناالحق" جو نعرو هنيو. اسانجو بيدل سائين به عشق جي جڏهن اهڙي منزل تي پهچي ٿو ته هو به منصور جيان هيئن دم هڻي ٿو.

١. من عرف جو سمجهہ اشارو اتي اناالله هڻ تون نعرو
ورهہ وڃاءِ تون نيهن نغارو بيدل برهہ بي اختيار
٢. وحدت ۾ جند جان وڃائي بيدل هڻ منصوري دم
فاذڪروني اذڪرڪم ذاڪر ٿي مذڪور ۾ گم
٣. آءِ سارو سر آهيان پول نہ پيو ڪو پانيان
بيدل آهيان سر الهي صورت سانگ بنايان
٤. سر سبحاني آهيان صورت ڪيل ڪلايان
سبحاني ما اعظم شاني ڪاٽي طبل وڄايان

ان کان اڳ جو اسين اڳتي وڌون، هتي اءِ هڪ حديث قدسي ٻڌائڻ ضروري سمگهان ٿو. حديث قدسي ۾ الله تعالي فرمايو آهي ته:

من طلبني ، وجدني
ومن وجدني، عرفني
ومن عرفني ، حبني
ومن حبني، عشقني
ومن عشقني، عشقهٔ
ومن عشقة ، قتلة

اهڙي طرح هر عاشق کي سر جو سودو ڪرڻو پوي ٿو، ۽ پوءِ عاشق جو ڪسجڻ، سوليءَ تي چڙهڻ، زهر جو پيالو پيئڻ، گهاٽي

Scanned with CamScanner



۾ پيڙهجن، خود محبوب جي رضا بڻجي پوي ٿو ۽ عاشق پنهنجو سر ڏيڻ هڪ ازلي جوابداري سمجهي ٿو. جئن شاه عنايت فرمايو ته:

سر در قدم يار فدا شد چه بجا شد
اين بار گران بود ادا شد چه بجا شد

اهڙي سر ڏيڻ ڏيڻ ۽ سوليءَ تي چڙهڻ واري ڪيفيت ۽ خواهش بيدل جي هنن شعرن مان ظاهر ٿئي ٿي.

سر ڏي اول سورهيه سگهو پوءِ نيهن ۾ نروار ٿج
منصور وانگر سڪ منجهان سر يار سوري تي سنج

حلاج جي حالت ۾ رهه گهرجان نه ٻي ڪنهن گهير تون
سر سمجهه انساني ادا. ڪر ٻي سريءَ جو سير تون

مطلب ته قادر بخش بيدل سنڌ ۾ شاه لطيف ۽ سچل سرمست کانپوءِ صوفي فڪر جي وحدت الوجودي شاخ جو هڪ بلند پايه شاعر آهي جنهن انهي فڪر کي پنهنجي دور ۾ اڳتي وڌايو آهي. بيدل جو سنڌي ۽ سرائيڪي ڪلام ته منظر عام تي اچي ويو آهي پر جيڪڏهن سندس فارسي نثر ۽ نظم جي اٽڪل ٢٣ ڪتابن کي ڇپرايو وڃي ته انهيءَ فڪر جا ڪيترائي اهم نقطا ۽ راز ظاهر ٿي سگهن ٿا.

بيدل جي تصنيف ”پنج گنج“

امداد علي دايو

هونءَ تہ صوفي مت تي گهڻائي ڪتاب لکيل آهن جن فقيرن جي رهنمائي ۽ روحاني پرورش سهڻي نموني ڪئي آهي. اهڙن ئي ڪتابن ۾ فقير سائين بيدل جي تصنيف ”پنج گنج“ اهڙو جامع هدايت نامون آهي جنهن جا چاليهہ سبق پڙهڻ سان صوفي فڪر جي بنياد جي ڄاڻ پوي ٿي.

پنج گنج بيدل سائين جو قلمي نسخو پهريون پيرو مولوي سبحان بخش سن 1986ع ۾ فارسي مان سنڌي ترجمو ڪري ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪاميٽي حيدرآباد مان ڇاپرايو. جنهن ۾ پنج گنج جا سبق شروع ٿيڻ کان اڳ مختلف واقعا ۽ ذڪر ڏنل آهن جن اڌ ڪتاب والاريو آهي. ان کان پوءِ ڪراچي يونيورسٽي جي شاهہ لطيف چيئر جي انتظام هيٺ اردو ترجمي سان شاهڪار ڪتاب ڇپايو ويو آهي.

پنج گنج ۾ چاليهہ درجہ آهن هر هڪ درجي ۾ هڪ موضوع کنيو ويو آهي. هر موضوع کي قرآن پاڪ جي آيت،سيد المرسلين سردار الانبياءحضرت محمد مصطفيٰ صہ جن جي حديث مبارڪ،رهنمائي صوفيا حضرت مولانا جلال الدين رومي صاحب جي مثنوي،برهان الصوالين سلطان العاشقين سيدنا عبداللطيف ڀٽائي جن جو بيت ۽ چونڊ حڪايتن جا حوالا ڏئي سمجهايو ويو آهي. چاليهن ئي سبقن جا موضوع هيٺ ڏجن ٿا.

۱. دوا ڇڏي دورنگي جي، سوز جي صلاح ڪر
۲. ڇڏ رسمي چال وٺ حقيقي حال
۳. چست ۽ چالاڪ ٿي محبوب جي ميلاپ لاءِ
٤. تون ترت تبريز جيان ، پنهنجي هٿڻ جي ڪل ڪليج
۵. صدق وصفاسان جي هليا، سي چو نہ پرڪي پهچندا
٦. مرشد بنا راهہ، ڪڏهين لهدين ڪينڪي
۷. جفا وارن جس، جس جفا رڳيءَ نہ ٿئي
۸. ذڪر بنا جا گذري، سا سڀ عمر اجائي
۹. فڪر فنا دا ڪماوتان هے
۱۰. ٿي فنا تان باقي ٿيوين ، ٻيا ڪوئي هنر نہ هلدا
۱۱. حضور دل يا مشاهدي حاصل ڪرڻ جي همتائڻ ۾
۱۲. ڏک سکن جي سونهن ، گهوريا سک ڏکن ري
۱۳. اڌر پکيڙڙا ور واهيري، نڪر منجهان ناسوت
۱٤. خودي ڇڏ خدا ڏس
۱۵. صحبت سپرين جي سراسر اسرار
۱٦. جهد ڪر جيسين جيئين، تہ هميشہ حيات ٿئين
۱۷. جاڳڻ مان ئي جس، جس جاڳڻ سان ٿئي
۱۸. اولياءِ ڪرام جي صفت ۽ ثنا ۾
۱۹. قلبي مراقبو ۽ خدائي ذات جو ظهور
۲۰. انسان جي حقيقي جوهر ۽ رحمان جي وڏي شان واري خليفي جي صفت ۽ ثنا ۾
۲۱. عمل ۽ الله تبارڪ و تعاليٰ جو قرب حاصل ڪرڻ
۲۲. دنيا جي محبت کي ترڪ ڪرڻ ۽ الله جي قرب جو طالب ٿيڻ
۲۳. تيسين رڙ ۽ رو، جيسين سينو صاف ٿئي
۲٤. ڪيني غير جي عمارت کي پاڙئون پٽي، سيني جي صفائي حاصل ڪرڻ
۲۵. سبحاني ديدار ۽ نوراني مشاهدي جي حاصلات جي ثبوت ۾
۲٦. جان توڙ ڪوشش ڪري مشاهدو حاصل ڪرڻ
۲۷. ڪنهن بہ حالت ۾ نا اميد نہ ٿيءُ
۲۸. ويٺي رب ريجهائڻ وارن کان، جاڪوڙا افضل ۽ اعليٰ آهن
۲۹. حاڪمن ۽ ظالمن جي صحبت ۽ ميل ميلاپ کي ترڪ ڪرڻ
۳۰. خودي ۽ خدا ڪين ماپن هڪ ماڻ ۾
۳۱. دنيا جي چشڪن تي موهجڻ ۽ آخرت جي لذتن کي ترڪ ڪرڻ
۳۲. تونگريءَ جي بجاءِ قناعت ۽ خواهشن جي بجاءِ حق جي رضا پسند ڪرڻ
۳۳. دائمي مخفي ذڪر ۾ رهڻ ۽ روحاني آئينو صاف ڪرڻ
۳٤. فقراء جي اعليٰ شان کان خبردار ڪرڻ ۽ هن بي سروپا ٽولي جي تعظيم ڪرڻ جي ترغيب
۳۵. اهل الله تان شرعي حڪمن جو هٽڻ ۽ واصل بالله تان ظاهري بندشن جو معاف ٿيڻ جي باري ۾
۳٦. عشق ۽ محبت سراسر بي آرامي ۽ نامرادي آهن
۳۷. مال جمع ڪرڻ ۽ روڪي رکڻ جي مذمت ۽ ڏڪارڻ ۾
۳۸. (دنيا کي) ترڪ ڪرڻ ۽ (خدا جي راهہ ۾) خرچ ڪرڻ جي بيان ۾
۳۹. قضا يعني رب جي ڪيل فيصلي تي راضي رهڻ جي ترغيب ۾
٤۰. خاص شخص عام ماڻهن واسطي شفاعت ۽ سفارش ڪندا

پنج گنج ۾ بيدل سائين مثنوي مولانا روم ۽ شاهہ جي رسالي کي قرآن پاڪ جا بهترين تفسير ظاهر ڪري ٿو.چاليهہ سبقن ۾ انساني اعليٰ احساسن کي اجاگر ڪرڻ جو مڪمل سامان موجود آهي، اهي انسان کي معاشري ۾ موجود براين ۽ بڇڙاين کان بچڻ ۽ محمد صہ و آل محمد جي طريقن موجب زندگي گهارڻ لاءِ رهنما آهن.

هن ڪتاب جي اهميت ۽ علميت جي اظهار لاءِ هتي هن ڪتاب جو هڪ منتخب سبق پيش ڪجي ٿو.

درجہ سي و نهم "درجو اوڻيتاليهون"

قضا يعني رب جي ڪيل فيصلي تي راضي رهڻ جي ترغيب ۾

آيت

قال الله تعالي جل جلاله و عم نواله: ولنبلو نكم بشيء من الخوف والجوع و نقص من الاموال والثمرات

ترجمو:"اوهان کي خوف، بک، مالن، چندن ۽ ميون مان ڪنهن نه ڪنهن شي سان ضرور پرکيندا" پ-٢، س- بقره، ع- ١٩

حديث

عن سعد رضہ قال، قال رسول الله صہ : من سعاده ابن آدم رضاه بما قضي الله لہ و من شقاوة ابن بماتر ڪ استخاره الله و من شقاوة ابن آدم سخط آدم قضہ الله لہ

ترجمو: سعد رضہ کان روايت آهي ته فرمايو رسول الله صلعم "آدم جي نيڪ بخت اولاد مان اهي شخص آهن، جيڪي الله انهن لاءِ جو ڪجهه فيصلو ڪيو آهي، تنهن تي راضي رهيا، ۽ آدم جي بدبخت اولاد مان اهي شخص آهن، جن الله کان خير جي طلب ڪرڻ ڇڏي ڏني، ۽ آدم جي نياڳي اولاد اهي شخص آهن، جيڪي الله جي ڪيل فيصلي تي ناراض رهيا."

(رواه احمد والترمذي وقال هاذا حديث غريب)

مثنوي

مابها و خون ها را يافتيم
جانب جان باختن بشنافتيم
اقتلوني اقتلوني يا ثقات
ان في قتلي حيواة في ال حيوات
ان في قتلي حياتي دائما
اقتلوني اقتلوني لائما

ترجمو

اسان قيمت ۽ خون بها حاصل ڪئي سون (جنهين) جان ، بازي جي طرف ڊوڙائيسون مون کي قتل ڪر، مونکي قتل ڪر مضبوطي سان تحقيق منهنجي قتل ڪرڻ ۾ حياتي ۾ حياتي آهي بلاشڪ منهنجي قتل ڪرڻ ۾ دائمي حياتي آهي مون کي قتل ڪر، مونکي قتل ڪر، فيصلي موجب

بيت

سر ڍونديان ، ڏڙ نه لهان، ڏڙ ڍونديان سر ناهه
هٿ ڪرايون آگريون ، ويون ڪيچي ڪانهه
وحدت جي وهاءِ ، جي ويا سي وديا.

حکايت

حقيقت آگاه صوفين جي سرتاج ۽ احديت انتباه عارفن جي پير طريقت شهيدالحق مشهود مطلق حضرت شاه عنايت الله قدس سره جي باري ۾ ڳالهه ڪندا آهن ته هڪڙي ڏينهن سندن شهادت جو واقعو ڪين ڪشف جي رستي معلوم ٿيو، سو وحدت جي نشي مان فرمائڻ لڳا ته " فقيرن جو موت راحت آهي" ۽ انهي ايندڙ واقعي کي وڏي خوشي سان ۽ منصور جي مثل سرور مان کولي کولي بيان ٿي ڪيائون. مريدن مان هڪڙو فقير جهوريندڙ خبر ٻڌي، صوفي صاحب جي خدمت ۾ عرض ڪرڻ لڳو ته : سنڌ جي حاڪم کي ڪهڙي مجال ائين ڪرڻ جي، چو ته سائين جن جا غلام ئي اهڙي طاقت رکندڙ آهن، جو هڪ گهڙي ۾ ملڪ تي آفت برپا ڪري ڇڏين ۽ هندستان جي والي جو تخت گاه آيت "انهن مان ڪن کي زمين ڳهي وئي" موجب زير زمين ڪري ڇڏين. نظم:

زندن جي شراب خانہ جي دروازي تي قلندر هوندا آهن
جيڪي حڪومت ڪسيندا به آهن ۽ عطا به ڪندا آهن

پاڻ فرمايائون ته اهڙي قسم جي گفتار ڪرڻ تسليم ۽ رضا واري ٽولي کي لائق نه آهي، چاڪاڻ ته اسان کي سيدالشهدا حضرت امام حسين عليه السلام جي عاشقن ۾ شمار ڪيو اٿن، نه مولانا جامي جي مريدن ۾. نظم:

جفا ۽ ملامت سر تي سٺي سون ۽ خوش آهيون
چو ته اسان جي شريعت ۾ جو ناراض ٿيو سو ڪافر آهي

حاضر فقيرن عرض ڪيو ته : مولانا جامي لدني راز جي ماهرن مان نه هو ڇا؟ ۽ فنا في الله جي سير ۾ نه هو ڇا؟ پاڻ فرمايائون ته مولانا صاحب عروجي سير ۾ منتهي کي رسيل هو، فيض جو صاحب فيض بخشيندڙ هو، صرف تسليم ۽ رضا جي مضبوط رسي کي پختو ڪري نه ورتو هئائين. اهو مقام ۽ منزل صرف حضرت حسين عليه السلام جو شان هو. قضا تي راضي رهڻ ۽ هر قسم جو بار سر تي سهڻ، اسان انهي قسم جي دروازي جا خاڪبوس آهيون.

Scanned with CamScanner

درگاه تي عمارت سازي

فقير احمد بخش بدوي (مٿل مسرور)

ڪتاب ديوان بيدل مهتمم گدومل هرجاڻي پنهنجي نگراني هيٺ سال ١٩٤٠ع ۾ شايع ڪرايو. هي صاحب ١٩٤٠ع تائين خانقاه حضرت بيدل جي ڇاڻ صفحي ٥٥ تي هن طرح ڏني آهي.

"فقير بيدل سائين قدس سرة جن جي درگاه شريف روهڙي اسٽيشن جي پرڀ آهي. ريلوي بند جو خيرپور طرف وڃي ٿو، تنهنجي ڪاهي پاسي خانقاه ٺهيل آهي.

انهي درگاه جي هنڌ اڳ هڪ ننڍو وڻ هوندو هو. ٻي ڪا وسندي ڪانه هئي. روهڙي اسٽيشن ۽ ريلوي بند فقير صاحب جن جي وصال بعد جڙيا. فقير صاحب ان وڻ وٽ هيٺان بعضي بعضي مراقبو ڪري اچي ويهندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن حاضر مجلس جي پڇڻ تي فرمائيندا هئا ته فقير پوءِ هتي ايندو، آخر ٿيو به ايئن.

درگاه ٺهڻ ڪان اڳ اتي لانڍي ٺهيل هوندي هئي. ڪجھ عرصي ڪانپوءِ ڀائي ڪشن مل ۽ ٻين طالبن ڪي اچي خيال ٿيو ته فقير صاحبن جي تربت مٿان قبو اڏائجي. سٽت ئي انهيءَ خيال کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ سڀ سامان پٿر سرون وغيره، لهي چڪا، ڪم شروع ٿيو.

ڪم هلندي ڪي ٻه واقعا ٿيا. جنهن ڪري ڪم بند رکيو ويو. ڇا ٿيو جو خليفي بيگ محمد جي گهر ۾ ڪو واقعو ٿيو ۽ ٻيو ڀائي ڪشن جو پٽ دولها ڏنو مل جو هال حيات آهي اچي مرڻ ڪي ويجهو ٿيو. ڀائي ڪشن مل پٽ کي آڻي تربت جي وچ ۾ سمهاري ڇڏيو ۽ ٻاڏايو ته " جيئندا قبلا خطا معاف ٿئي ۽ پٽ کي شفا حاصل ٿئي."

ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ ٿي فقير درگاه تي استخارا ڪرڻ ويٺا ته درگاه جو ڪم شروع ڪجي. ڪين ارشاد ٿيو ته چڱو هڪ سادي چوڪندي ٺهرائي ڇڏيو. پوءِ درگاه جو ڪم شروع ٿيو. جا هاڻ پسجي پئي.

نيڪ روشن هجي ته آءٌ سال ١٩٤٢ ع کان وٺي بارگاه بيدل بيڪس ۾ ايندڙ آهيان، جنهن وقت ۾ منهنجو والد فقير غلام علي مسرور پٿراج ڪاٽي ۾ ملازم هو. ان دور ۾ ئي منهنجي طبيعت جو لاڙو بابا سائين جي طرف سڀ کان وڌيڪ هو. المختصر ان جو سبب سندس پيار ڀري پالنا هئي. مان اڃان اسڪول ۾ نه ويٺو هوس عمر فقط چار پنج سال مس هئي ۽ هي دور سرڪار بيدل ۽ سرڪار بيڪس جي درگاه ٺهڻ جو ٻيو دور هو. جيڪو ان بعد ١٩٥٣ع تائين مسلسل هليو. جنهن تحت جڳهه ۾ فقط سرن جي اوساري ٿي هئي، ڇاڪاڻ ته ڪم جو سڄو توجه اندروني ڪاني جي ڪٻهڙي ۽ ان جي سامهون بارد دري جي جوڙ طرف جهيل هو. جيڪو ڪم مڪمل ٿي چڪو هو. جڏهن فقير مسرور سائين وصال ڪيو ته ڪم بند ٿي ويو. ڇاڪاڻ ته اهو ڪم فقير مسرور جي نگراني ۽ هندو درويشن جي تعاون سان ٿيندو هو. فقير مسرور جي وصال بعد باقي رهيل هندوصوفي درويش ٻه انديا ويا. اهوئي خاص سبب هو، جنهن ڪري هي ڪم ٿورن سالن لاءِ رڪجي ويو.

جنهن بعد سيد رحيم ڏنو شاه بڪاروارو ڪم ڪرائيندو رهيو. هي صاحب سرڪار بيدل بيڪس جي بارگاه ۾ سوالي هو ته مونکي رب پاڪ جي حضور مان نرينه اولاد عطا ٿئي. هي صاحب مولوي سبحان بخش کي درگاه اندر وٺي وڃي دعا گهرائيندوهو. اهو سلسلو ڪافي سال هلندو رهيو پر سيد صاحب کي نرينه اولاد ملڻ ۾ ڪافي تاخير ٿي چڪي هئي.

هڪ دفعي مان، ميان حيدر بخش سائين سان ڪچهري ۾ ويٺو هوس ته سيد رحيم ڏنوشاه آيو ۽ اچڻ سان اها شڪايت ڪرڻ لڳو ته مان هتان جو جهونو خدمتگار آهيان. ورهين جا ورهيه گذري ويا آهن. منهنجو نرينه اولاد وارو سوال پورو نه ٿو ٿئي. مالڪ منهنجو ڪم نه ٿا ڪن. هاڻي ته مان پوڙهو به ٿي چڪو آهيان ۽ هٿ ۾ لٺ به ڪنئي اٿم.

سيد بادشاه جي ان چوڻ تي ميان حيدر بخش ڪلي ڏنو ۽ مون ڪي منهن ڪري چيائين ته " مٿل هل اچ بيڪس سائين ڪان سيد بادشاه ڪي پٽ وٺي ڏيون" ائين چئي ميان حيدر بخش، سيد رحيم ڏني شاه ۽ هڪ هيسباڻي قوم جو فقير قلندر بخش درگاه اندر ويا، اهڙيءَ طرح آءٌ به سندن پٺيان درگاه ۾ ويس سائين ميان حيدر بخش مونکي هٿ کان وٺي سرڪار بيڪس جي مزار جي ويجهو آڻي چيو ته "سهڻا سائين بيڪس سائين سيد بادشاه کي هن مٿل جهڙو منڙو سهڻو پٽ ڏئي" ائين چئي ميان حيدر بخش درگاه ڪان ٻاهر نڪري آيو.

نيڪ روشن هجي ته سيد رحيم ڏني شاه کي ان سال ئي پٽ ڄائو، جنهن جو نالو قاسم علي شاه رکيو ويو. مولوي سبحان بخش، سرڪار رحيم ڏني شاد تي زور ڀريو ته هتان توکي نرينه اولاد مليو آهي، تنهنڪري هت هڪ مسجد جوڙايو. اهڙي طرح سيد رحيم ڏني شاه مسجد جو پورو خرچ ڏئي ڪم مڪمل ڪرايو.

اصل ڪان درگاه جي ڪم ۽ ڪاڏي پيتي جو خرچ فقط عقيدتمند ۽ سڪ وارا ڪندا هئا. اهڙي طرح ڪجھ شڪارپور وارن مسلمانن ۽ هندن ۽ رياضت سان درگاه تي ايندڙ فقيرن لاءِ ڪافيون، ڪمرا ۽ ورانڊا ٺهيل هئا.

سرڪار مسرور سائين پنهنجي دور زندگي ۾ اڪثر طور مون کي درگاه تي وٺي ايندو هو. هڪ ڏينهن مون درگاه جي اوڀر طرف هڪ چوڪندي ڏٺي، جنهنجي اولهه طرف ڪجھ تربتون به هيون ۽ چوڪندي جي اندر فقط هڪ مزار هئي، جنهن تي چادر چڙهيل هئي. پڇا ڪرڻ تي مسرور سائين ٻڌايو ته اها چادر مبارڪ واري مزار سيد نواب شاد جي آهي

جيڪو اسان جي مرشد بيدل بيڪس جو عاشق آهي. بهرحال جڏهن واپس شڪارپور آيا سين ۽ معمول مطابق رات جو مان، بابا سائين جي ڪٽ تي ويهي ڪيس زور ڏئي رهيو هوس. ته اچانڪ منهنجو خيال وري سائين نواب شاه طرف ڪڇي ويو. جنهن سبب مون بابا سائين کان پڇيو ته سرڪار نواب شاه اصل ڪاٿئون جو هو. تنهن تي فقير بابا فرمايو ته پٽ ڀلا پر زور ڪجهه آهستي آهستي ڏئي ۽ سائين جي ڳالهه ڌيان سان ٻڌ. " هي سيد سگورو روهڙي شريف جي ٻاهران ڪوٽ جو وينل هو. ۽ عاشورن جي ڏهاڙن ۾ حسيني ماتم ڏسڻ جو شوقين هو. سو هڪ دفعي عاشورن جي ڏينهن ۾ سرڪار بيدل وٽ پهتو جتي ان وقت درويش حسيني مناقب ۽ مرثيه راڳ جي نوعيت ۾ ڳائي رهيا هئا. موقعو وٺي سائين نواب شاه، هادي سائين کي چيو ته شهر ۾ حسيني ماتم هلي رهيو آهي ۽ اوهين هت راڳ ڳائي رهيا آهيو. اهڙي طرح وري جوش ۾ اچي چيائين ته " اٿو هن وقت ئي هلي حسيني ماتم ۾ شريڪ ٿيو. ان چوڻ تي سرڪار بيدل مٿي پيرين اگهاڙو سيد سگوري سان گڏ حسيني ماتم طرف اٿي هليو. ماتم جي ويجهو ٿيڻ وقت سيد نواب شاد ڪنهن ٻي طرف واجهائي رهيو هو. تنهن تي سرڪار بيدل سيد نواب شاه کي هٿ کان وٺي سٽ ڏئي چيو ته هيڏانهن مالڪ اچي رهيا آهن ۽ تون وري هيڏي هوڏي ٿو ڏسين. ان تهه جيئين ئي ميان نواب شاه ماتم طرف ڏٺو ته بيهوش ٿي ويو.

سڪايل در چڙهي آيو- منجهان جولان روهڙي ۾
حسيني سر ڏسي ظاهر ٿيو حيران روهڙي ۾
"طبع زاد"

سرڪار بيدل ۽ ڪجهه ٻيا فقير ڪيس ڪٺي آيا، جڏهن هوش آيو ته چيائين " سائين وري به ته اهڙو ديدار ڪرايو" تنهن تي مالڪن فرمايو ته تون به هتي اسان وانگر انتظار ڪر شهنشاه پاڻ هت ايندا آهن. اهڙي طرح ميان نواب شاه عمر جو ڪجهه حصو اتي رهيو. اهڙي طرح ڪڏهن ايندو هو ته ڪڏهن وري هليو ويندو هو. سرڪار بيدل جي وصال بعد، ميان نواب شاه، سرڪار بيڪس کي عرض ڪيو ته جنهن انتظار ۾ مان هت ايندو آهيان اهو ديدار ته سرڪار مون کي ڪرايو. تنهن تي سرڪار بيڪس سائين کيس چيو ته هت هڪ چتو ٿي ويهه ته ڪم ٿيئي. ان تنبيه کانپوء سيد نواب شاه درگاه تي رهڻ لڳو. ان بعد بابا مسرور سائين مون کي ڪن کان پڪڙي چيو ته فقراء جون ڳالهيون ڪنن سان ٻڌي، دل ۾ سانڍي ڇڏيندو ڪر. بس هاڻ وڃي پنهنجي ڪٽ تي سمهه ، منهنجووري معمول هوندو هو ته سمهڻ کان اڳ بابا سائين جا هٿ مبارڪ اکين تي رکي بعد ۾ چميون ڏئي پوء پنهنجي ڪٽ تي وڃي سمهندو هوس. اڄ وري اچانڪ هڪ ٻيو سوال به بابا کان پڇيم سو ڪجهه هن طرح هو.

مون عرض ڪيو ته بابا سائين جتان مرشد سائين جي درگاه به شروع ٿئي ٿي ان جي ڏکڻ اوڀر واري ڪنڌ تي به هڪ ننڍڙي تربت هئي. اها ڀلا ڪنهنجي هئي، جنهن تي فقير مسرور بابا سائين چيو ته اها سرڪار جي گهروارن جي مزار آهي. تنهن تي مون نالي پڇڻ لاء جڏهن عرض ڪيو ته پاڻ فرمايائون ته اسان کي نالي وٺڻ جو حق نه آهي. هميشه انهن لاء ادب ۽ حيا رکڻ ڪرڻ ئي ڀلو آهي. وري جڏهن ٻئي دفعي بابا سائين سان درگاه ۾ ويس ته ذڪر ڪيل تربت مٿان هڪ ننڍو ڍڪ ٺهيل هو. جنهن جي اتر واري مهاڙي ۾ ننڍي دري پڻ لڳل هئي. مون اتان جي فقيرن کان پڇيو جن ٻڌايو ته فقير مسرور اچي، هن مزار تي ڍڪ ٺهرايو آهي.

نيڪ روشن هجي ته موجوده دور ۾ ڇهن سالن اندر ميونسپل ۽ تعلقي ناظم روهڙي شريف سيد قاسم علي شاه ولد سيد رحيم ڏني شاه بڪاروارن جي نگراني ۽ خرچ سان حضرت بيدل جوباغ، بيدل ڪانفرنس هال ۽ درگاه شريف تي ٽائيلس ۽ شيشي جي پچيڪاري جو ڪم ڪرايو آهي. يقين سان اها به اميد آهي ته گذريل دور وانگر ايندڙ ويندڙ ۽ رهندڙ فقراء لاء وراندا ۽ ڪمرا به ٺهي جڙي ويندا.

Scanned with CamScanner

بيدل ۽ عشق

غلام صديق قادري
رٽائرڊ ڊي آئي جي پوليس

حضرت بيدل سائين جي فڪر ۽ شخصيت جو لب لباب اهو آهي ته " عشق لڳئي تان ڪر آمين، نا منجهه ڪفر نا منجهه دين" اها آهي سمري بيدل سائين جي خيال جي، مطالعي جي، شخصيت جي. عشق ۽ صوفي ازم هڪ ئي ڳالهه آهي. عشق منفي ڪدورتون، جيڪي آهن، لوڀ، لالچ اهي نه هجن، محبت ۽ اخوت هجڻ گهرجي. هونءِ به عشق هن بنيادن تي آهي، محبت ۽ محنت. پوءِ عبادت هجي يا دنيوي ڪم هجي. اها عشق جي ڳالهه آهي. عشق جي لاءِ مولانا صاحب رومي چيو آهي ته

شاد باد اے عشق خوش سودائے ما

يعني عشق جو صرف سوداء مولوي صاحب کي مليو. اهو مولوي صاحب رومي جنهن جي مثنوي جو ڪتاب ڀٽائي صاحب کي ساڻ هوندو هيو، قرآن پاڪ سان گڏ. بيدل سائين به اتان ئي حاصل ڪيو، جڏهن ته علامه اقبال صاحب به اتان ئي حاصل ڪيو. ته عشق متعلق مولانا رومي چيو آهي ته :

شاد باد اے عشق خوش سودائے ما
اے طبيب جمله علت هائے ما

اي عشق شل خوش هجين، خدا تعالي جي توتي رحمت هجي، مون ۾ جيڪي ڪمزوريون ۽ ڪوتاهيون هيون، انهن لاءِ تون منهنجو طبيب ٿي آئين.

اے دوائے نخوت و ناموس ما
اے تو افلاطون و جالينوس ما

رندي ۽ فقيري لاءِ چيپ پاپولرٽي هڪڙو عيب سمجهيو ويندو آهي. بيدل سائين چيو آهي ته

بره جا بار بدناميون چمي چشمن تي چايا سي
بزرگي ڪان پڇي بيدل رندي جا رنگ رچايا سي

ته مولانا صاحب رومي چوي ٿو ته "اي عشق تون مون لاءِ افلاطون ۽ جالينوس ٿي آئين ۽ جيڪي مون ۾ نخوت جا عيب هاجيڪي چيپ پاپولرٽي جو هڪڙو عيب هيو، سي مون مان نڪري ويا. مولانا رومي هڪ ٻئي شعر ۾ چوي ٿو ته "جسم خاڪش برسر افلاک شد" هي به عشق اٿو، اتي معراج جي ڳالهه آ. ان تي ٻن مڪتب فڪر وارن جو اختلاف آ، ڪي چون ٿا ته معراج روحاني ٿيو، ڪي چون ٿا ته معراج جسماني ٿيو. مولانا رومي به چوي ٿو ته معراج جسماني هيو ته اهو به عشق هيو. حافظ شيرازي صاحب ته يڪدم رڙ ڪئي:

الايا ايها الساقي ادرڪا سا ونا ولها
ڪر عشق آسان نمود اول ولي افتاد مشڪلها

يا الله هاڻي منهنجي مدد ڪر، مان ٻهريان عشق کي آسان سمجهيو پر هي ته مصيبت ٿي وئي، پر عشق مجازي ۽ عشق حقيقي ۾ فرق آ، انلاء خيال ڪجو. شعر آ ته:

نقش را درگذر کن مائل نقاش باش

يعني ته دنيوي هر حسن کان، خطاطي کان درگذر ڪيو، بچاءِ ڪيو پر ان حقيقي نقاش سان عشق ڪريو جنهن اهي نقش ٺاهيا آهن، جيڪو اصل خالق آهي، حسن مطلق آهي.

بيدل سائين به وڏو عاشق هيو. هو ٻهريائين مجازي عاشق هيو، پر عشق جا سمورا منازل ۽ درجا طئي ڪري حقيقي عشق کي هن حاصل ڪيو.

قصيده (عربي)

حضرت قادر بخش بيدل

النبي الاخر السابق شفيع المذنبين
ناسخ التوريت امي امام المرسلين
ليلة الاسراء قد خرق السماء معراجه
واصل الدرجات هي فوق المقام العارفين
من مقامات المعارج ارتفع طيرانه
اذ نها لبشوا اخيار الاليآء منتحيرين
ليس منسوبا الي طين وما ذاته
انه النور المجسم رحمة اللعالمين
فاطلبو امنه الحوائج و استعينوافي الامور
والستغيثو امنه صدقا انه نعم المعين
زرمو استمد د به لو انكر المنكر عليک
قل هوالما ذون بالتائيد للمستضعفين
منجي العنصات من نار الجحيم المخرقة
موصل الابرار بالنعم العظيمة خالدين
هو خليفة ربنا والانبياء خلفائه
فهو مفعل ما يشادع "دع" جدال المنكرين
قد تجلي حسنه متصور امتنوعا
صارت الصور الجميلة مظهر النور المبين
مال صوفيء الي حسن المظاهر راغبا
اذ يسري فيها جمالا احمد باليقين

Scanned with CamScanner

ڪلام هندي

مين هون الک اروپ اجنم اڪال ايک
بيچون بيچگون تبارک تعال ايک

هر مثل سين اگرچ ظاهر، ولي سمجھ
عين وجود ذات ميرا بي مثال ايک

خورشيد ميري سين هوئي ذرات کي مثل
درپن هزار نوري جمال ايک

وهم دوئي ميري سين نہ هو، ڪامياب ڪب
مين هون يگانہ ميري پاوي خيال ايک

"هستي" ميري ظهور ڪيا آکي "خاڪ" سين
ميري آگي هي نقش جمال و جلال ايک

سني "ارني" اپني سين کهي اپني کو "لن تراني"
سامع ڪليم مين هون جواب سوال ايک

اپني خواهش سون احد سون احمد کهايا مين
بيدل نهان عيان هي حقيقت مين حال ايک

پنجن ٻولين ۾ مخمس

صلح صاحا في صوامع عاڪفي حرم الصفا
ڪين هم پيدا و پنهان است ذاتش ڪبريا
صورت و معني مين يڪتا جلوه گر هي جا بجا
ڪڏان سڏاوي نام احمد آکي لا احصي ثنا
دم انا الحق جو هٿي منصور جي صورت سما

ليس في الدارين الاهو، هو الحق المبين
اوست جسم و اوست جان و اوست افلاک و زمين
وه هي روح الله مريم هي وه هي روح الامين
هر طرف اسدا تماشا ڪيا مغ و ڪيا اهل دين
سڀ صفت ۾ ڪيو ظهورو يار جاني دلربا

ڪلام سندي

ٿي غيب ۾ تون غيب، لنگهي عيب ثوابون

طالب نہ ٿي تقوي سندو، پي شوق شرابون
ڇڏ هستي گهن، مستي، سڻ رمز ربابون

توري نہ ڪو ٻيو آهہ، هلي آء حجابون
آهين نور ڪر ظهور، ٿي نروار نقابون

بيزار خود خيال کون، بيدار ٿي خوابون
پيهي پس حقيقت پانهنجي، منهن موڙ ڪتابون

ڪج نڪتو توحيد جو، حاصل هر بابون
بيدل وٺ پاڻي کي، بر بحر حبابون

ڪلام سرائيڪي

جنهن نون عشق بتاوي راهہ، تنهن نون ڪون ڪري گمراهہ

عشق هي پير پيغمبر ميڏا، عشق هي هادي رهبر ميڏا
عشق هي حيدر صفدر ميڏا، عشق هي ميڏي پشت پناهہ

عشق جڏان وت حڪم هلاوي، يوسف نون بازار وچاوي
يوسس پيٺ مچي دي پاوي، عشق هي اصلون شاهنشاهہ

عشق امامان نال ڪيا ڪيتا، شاهان جام شهادت پيتا
گهٽيان هاريان گهٽيان جيتيا، برهہ دي ذات هي بي پرواهہ

عشق "انا الحق" دا دم ماري، سولي تي منصور نون چاڙهي
شمس الحق دا پوش اتاري، عشق دي اعلي هي درگاهہ

بيدل عشق منگين درگاهون، گهن انهي ٻهڳڻ ديان ٻانهون
ٿيوين رسيداتون اونهين راهون، رک انهين ڏنهن چت دا چاهہ

Scanned with CamScanner

حضرت بیدل

ساگر اسعدی

ارض مہران کا
شاعرخوش نوا

بو ئے مہر و وفا - زندگی کی ادا
ہر قدم رہنما - ہر قدم آئینہ

ارض مہران کا
شاعر خوش نوا

رونق بزم جاں - خوشبوئے گلستاں
آپ عظمت نشاں - بے گماں بے گماں

اے دلی کی دعا
شاعر خوش نوا

آپ تنویر ہیں - آپ تصویر ہیں
آپ تحریر ہیں - آپ تقدیر ہیں

اے کہ نقش وفا
شاعرخوش نوا

آپ کی شاعری - ہر قدم روشنی
آپ کی زندگی - حسن کی بندگی

اے کہ نقش وفا
شاعر خوش نوا

اے کہ بوئے سخن - روشنی کی کرن
اے کہ بوئے چمن - اے وفا کے متن

یہ جہاں آپ کا
شاعرخوش نوا

تیرے اشعارہیں - تیرے افکارہیں
بوئے گفتارہیں - گل کی مہکار ہیں

ہے کہاں آپ سا
شاعر خوش نوا

اے وقار قلم - اے مدار قلم
تاجدار قلم - شہر یار قلم

اے کہ فکر رسا
شاعر خوش نوا

اے مرے دوستو - میر محفل ہے جو
اس کو بیدل کہو- اس کو بیدل کہو -

ہمنوا آپ کا
شاعرخوش نوا

نظم

علي اطهر موسائي

عشق ڪري تون ياد انهن کي
سو سو ڳوڙها ڳاڙيندين

چا چا توکي ياد ڪرايان
مجنون ۽ فرهاد ٻڌايان
سهڻي ، سسئي ، مومل ، ليلا
ڪنهنجا ڪنهنجا سور سڻايان
پاڻ ڏنئڻ ايذاء سين کي
ڪنهن ڪنهن کي پرچائيندين

عشق ڪري تون ياد انهن کي
سو سو ڳوڙها ڳاڙيندين

سرمد ڪنڌ ڪپايو تو لاء
دار حلاج سجايو تو لاء
شاه عنايت ساڻ فقيرن
ريٽو جهوڪ رڱايو تو لاء
ريت نڀائڻ خاطر ڪيسين
ڪوپا ڪنڌ ڪپائيندين

عشق ڪري تون ياد انهن کي
سو سو ڳوڙها ڳاڙيندين

ڪربل ۾ چا چا نہ ڏٺو تو
خون جگر محبوبن جو هو
پاڪن جي جهولي ۾ پاليل
مولا جو سر نيزي تي هو
ضبط ڀلا ڪيئن ٿيندو تو کان
ڪيسين لڙڪ لڪائيندين

عشق ڪري تون ياد انهن کي
سو سو ڳوڙها ڳاڙيندين

در بيدل

امام بخش منور روهڙي

شهنشاه بيدل فقيرن جا والي
در تي اوهان جي ڪروڙين سوالي

اميدون ۽ آسون ڪٺي جيڪي آيا
تن جي نه ٿي آ ڪڏهن جهولي خالي

پسي جلوو بيدل بڻيو آهي بيڪس
ڪري ٿو فقيرن جي جيڪو پلائي

رهن مست هتڙي منظور شاه ۽
ديدار شاه جن ۾ سمايل جلالي

سائين مٺل مسرور سيد مصطفي شاه
ڏين فيض هتڙي وندين پريم پيالي

غلام نجف سائين تي رضا اوهان جي
گادي پلاري جنهن آ سنڀالي

پرتا اٿو سڀ اختر ۽ اطهر
شبير ، سلطان ، عاشق ڏمالي

ڪري قرب جي ڪا عطا خاص بيدل
بڻايو ٿي "منور" سندو باغ مالهي

حمد

سلطان احمد شيخ

الاهي ڪرم ڪر - برڪات گهرجي
زبان تي هميشه - آيات گهرجي

عمل اهڙو ڪونهي - جنهن تي خوشي ٿئي
عطا مون کي نافع - عمليات گهرجي

رحيم تون آهين - ڪريم تون آهين
لطيف تون آهين - خوش بات گهرجي

ذڪر ڏور ڪريو - سڪر ٿئي سٺائي
ٿرن ۾ برن ۾ - برسات گهرجي

مايوسي آهي - ظلمات منظر
محمد جي صدقي - پريات گهرجي

بشر جي نگر ۾ - هر هڪ انداز ۾
ذڪر ۾ فڪر ۾ - صوفيات گهرجي

ستار آهين - غفار آهين
عفو جي نظر ڪر - جنات گهرجي

جهادن ۾ اڪبر - آهي نفس مارڻ
خدا شيخ کي بخش ڪر - خيرات گهرجي

Scanned with CamScanner

بيدل پليرو بادشاھ

پروفيسر شير محمد بلوچ "شاھد"
اسلاميہ ڪاليج سکر

صوفي ۽ سنتن جو رڪن، مجيو مفڪر مصنفن
اندر سندس سھڻا سخن، مٺيو منجھن آ موخزن

سالڪ سچو صوفي صفا
بيدل پليرو بادشاھ

مشھور شاعر شش زبان، سولي سپڪ سھڻي لسان
عاشق ۽ صادق بي گمان، افڪار حڪمت جو نشان

آ عاشقن ۾ عالي جاھ
بيدل پليرو بادشاھ

قائل لطيفي لات جو، سائل سيوھاڻي تات جو
سائل سچو فڪرات جو، گھائل خدائي ذات جو

اتساھ چاھن ۾ اٿاھ
بيدل پليرو بادشاھ

"شاھد" سندس فيض اثر، برسي مٿي جھڙ جيئن ڪڪر
درياھ سخاوت پھناور، سويون پچائي پر ثمر

شاھا نوازش پاتشاھ
برڪت پري ھي بارگاھ
بيدل پليرو بادشاھ

ڪلام

پروفيسر غلام شبير سومرو
صادق پريمي

ھڪ آ ھڪ آ ھڪ آ — ھڪ ۾ نہ ڪو شرڪ آ
ھڪ جوئي سپ ۾ لڪ آ — ھاديء ڏنو سبق آ

آيو سپ ۾ سير سمائي — بشريت بيک بنائي
ٿو پاڻ ۾ پاڻ لڪائي — وحدت وريو ورق آ

مسجد ۾ بانگ ڏئي ٿو — مئخاني ۾ مئہ پيئي ٿو
صوفي مري جيئي ٿو — مردن اھو مرڪ آ

ڏوھؤن ثوابؤن ڪر گذر - ھاديء ۾ رکج يڪ نظر
آھي سر صفات سر بسر — ھر جاء ھادي حق آ

جي حسن ٿيو پاڻ آ - پوء قبح سندء ڄاڻ آ
منجھ مام ۾ سڄاڻ — ھن ڪھن ۾ نہ فرق آ

جي ھر ھڪ ۾ ھڪ نہ ڄاڻن — سي پاڻ ڪيئن سڃاڻن
مزو عشق جو نہ ماڻن — ٻيائيء ۾ ٿيو غرق آ

ھڪ ھڪ ۾ ھڪ ٿي چٽ ويو — صوفي لنگھي ھي گھٽ ويو
ثابت سيوئي ھڪ ٿيو — صادق جو ھي صدق آ

عقيدت

محرم راز ابڙو

نوان جذبا ، نوان احساس کڻي آيا ھون
در بيدل تي ، اسين باس کڻي آيا ھون

مونجھ مذھب جي کڻي، ۽ کڻي مايا ڪي سجود
سوز سرڪي جي ، اسان پياس کڻي آيا ھون

جتي دک دور ٿين ۽ ميلا مارن جا مچن
اسين محبت جا ، اتي واسي کڻي آيا ھون

قافلو عشق سندو ۽ ھجي بيدل سرواڻ
راھ اھڙي جي ، اسان آس کڻي آيا ھون

اسين پوڄاري سدا حسن جا آھيون "محرم"
گل تي پوئڻري جا ، احساس کڻي آيا ھون

Scanned with CamScanner

درگاھ جي تعمير جو تفصيل

- پهريان هڪ ڪچو ڪوٺو ٺهرايو ويو.
- ١٢٩٨ هجريءَ ۾ فقير محمد محسن بيگس کي دفنايو ويو.
- ١٣٠١ هجريءَ ۾ فقير عبدالله اول کي دفنايو ويو.
- ١٩٢٣ع ۾ ٺٽي مزارن لاءِ شڪارپور جي ڪاريگرن جو ٺهيل، خوبصورت ڪٽهڙو لڳايو ويو، جيڪو موجوده حالت ۾ آهي.
- ١٩٤٥ع ۾ درگاھ جي موجوده عمارت تعمير ڪئي وئي.
- ١٩٥٤ع ۾ درگاھ لاءِ ريلوي کان بجلي ورتي وئي.
- ١٩٦٣ع ۾ درگاھ لڳ موجوده مسجد شريف تعمير ٿي.
- ١٩٦٥ع ۾ پُراڻي باغ کي ختم ڪري درگاھ آڏو پڌرو ڪيو ويو جيڪو موجوده حالت ۾ آهي.
- ١٩٦٦ع ۾ درگاھ لڳ پُراڻو کوھ بند ڪرايو ويو ۽ ان جاءِ تي پاڻيءَ جون ٽانڪيون ٺهرايون ويون ۽ ميونسپلٽي کان پاڻيءَ جو ڪنيڪشن ورتو ويو. تازو ان جاءِ تي تعلقہ ڪائونسل روهڙي نئين ٽانڪي تعمير ڪئي آهي.
- ١٩٦٨ع ۾ ميونسپلٽي پاران درگاھ تي اسٽريٽ لائٽ لڳائي وئي.
- ١٩٦٩ع ۾ ميونسپلٽيءَ پاران درگاھ جو روڊ تعمير ٿيو.

حضرت بيدل جي ڇپيل ڪتابن جا مؤلف

ڪتاب جو نالو	مؤلف	سن
١- ديوان بيدل عُرف بيدل جي سوانح عمري	گدومل ڪنڌ مل هرجاڻي	١٩٤٠ع
٢- وحدت ناما	گدو مل ڪنڌ مل هرجاڻي	١٩٤٣ع
٣- بيدل جو سنڌي ڪلام	بولچند راجپال	١٩٥٠ع
٤- ديوان بيدل	عبدالحسين شاھ موسوي	١٩٥٤ع
٥- فکر بيدل	ميمڻ عبدالمجيد سنڌي	١٩٧٨ع
٦- پنج گنج (سنڌي)	سبحان بخش قريشي	١٩٧٦ع
٧- ڪلام بيدل	گل محمد انصاري	١٩٨٩ع
٨- بيدل جو اردو ڪلام	اختر درگاهي	١٩٩٧ع
٩- مثنوي دلڪشا	ڊي ڪي منشاراماڻي	١٩٩٧ع
١٠- پنج گنج (اردو)	ڊاڪٽر نواز علي شوق	٢٠٠٠ع
١١- فوائد المعنوي	غلام علي مسرور	٢٠٠١ع
١٢- ديوان بيدل (اردو)	اختر درگاهي	٢٠٠٣ع
١٣- مثنوي دلڪشا	ڊاڪٽر نواز علي شوق	٢٠٠٥ع

حضرت بيدل جي نالي سان ڄايل شخصيتون

١- سيد بيدل بخش شاھ (وصال ١٩٤٢ع) ٽرڙي بکار

٢- بيدل بخش عرف بيدل مسرور (ولادت ١٩٤٧ع)

٣- قادر بخش عرف بيدل ثاني بن سبحان بخش قريشي (وصال ١٩٩٨)

٤- بيدل بخش بن غلام نجف ثاني بيگ محمد ثالث (ولادت ١٩٨٧ع

٤- مظهر بيدل بن عبيدالله بن عبدالله قريشي ثاني (ولادت ٢٠٠٠)

Scanned with CamScanner

اختر درگاهي

حضرت قادر بخش بيدل رحہ جو مختصر سوانحي خاڪو

- نالو: عبدالقادر عرف قادر بخش (غوث اعظم عبدالقادر جيلاني رحہ جي عقيدتمنديءَ ۾ پاڻ کي قادر بخش سڏيائون)
- تخلص: بيدل، طالب، قادر
- لقب: روهڙيءَ جو جهنڊو
- والد بزرگوار جو نالو: فقير محمد مُحسن
- گهرالو: قريشي،
- ولادت جي تاريخ: سن ۱۲۳۱هجري مطابق ۱۸۱۵ع
- ولادت جو هنڌ: روهڙي (محلو ريشم باف، پاٽولڪي سمڙي)
- تعليم: قرآن، حديث، فقه، علوم شرعيه، عربي، فارسي ٻولين جا فارغ التحصيل عالم.
- دست بيعت مرشد: سيد مير جان الله شاهہ رضوي ثاني
- باطني فيض: حضرت لعل شهباز قلندر رحہ
- مسلڪ: حنفي، صوفي
- طريقو: قادري
- رندي راهہ: قلندري، اويسي، وحدت الوجودي
- ظاهري طريقت جو سلسلو: حضرت بيدل مُريد مير جان الله شاهہ رضويءَ جو، اهو مريد سيد عبدالوهاب شاهہ جيلاني ياڳنارڙيءَ واري جو، اهو مُريد فقير غلام محمد جو، اهو مريد غلام رسول ولجاري جو اهو مريد مير جان الله رضوي اول جو، اهو مُريد شاهہ عنايت الله جهوڪ واري جو، اهو مُريد عبدالملڪ چشتي ڏکنيءَ جو.

پهر

- پهريون شعر: دلامت در رهول روز محشر پکڙي دامن ابن پيمبر
- انوقت عمر: ۱۵ سال
- پهريون شعري ڪتاب: مثنوي رياض الفقر (فارسي) سن ۱۲۵۸ هجريءَ ۾.
- انوقت عمر: ۲۷ سال
- سنڌ سفر: سيوهڻ، جهوڪ شريف، پٽ شاهہ، درازا شريف، پيرجوڳوٺ پريالوءِ، پنهوارڙي، تجل شريف، ترڙي بڪار.
- ڏنڊو: ٿورو عرصو مجارڪو دوڪان ڪوليائون.
- تصنيفون: (۱) مثنوي رياض الفقر (۲) ديوان سلوڪ الطالبين (۳) مثنوي دلڪشا (۴) رموز القادري (۵) مثنوي نهر البحر (٦) ديوان مصباح الطريقت (۷) ديوان منهاج الحقيقت (۸) ڪُرسي نامہ (۹) ديوان بيدل فارسي (۱۰) قصئہ هير رانجها (۱۱) قصہ ليليٰ مجنون (۱۲) ظهور نامہ (۱۳) پنج گنج (۱۴) سند الموحدين (۱۵) رموز العارفين (۱٦) تقويت القلوب في تذڪرة المحبوب (۱۷) في بطن احاديث (۱۸) تاريخ سنڌ (۱۹) قرة العين في مناقب السبطين (۲۰) انشاءِ قادري (۲۱) خطباب جمعہ (۲۲) عقائد (۲۳) فوائد المعنوي (۲۴) تاريخهائي وفات (۲۵) ديوان بيدل اردو (۲٦) ديوان بيدل (سنڌي ۽ سرائڪي)
- مجازي محبوب: ڪرمچند، فقير غلام محمد، فقير قاضي پير محمد،
- صحبتي فقير: روحل فقير ڀيون، فقير نانڪ يوسف، فقير محمد صلاح، ڀائي موتيرام، الله اوڀايو شاهہ، جعفر علي شاهہ.
- طالب: فقير محمد محسن بيڪس، فقير عبدالله اول، مير جان الله شاهہ ثالث، سليمان فقير ميربحر سيد قاسم علي شاهہ ترڙيءَ وارو، سيد حمزه علي شاهہ، حبيب الله شاهہ، صفدر علي شاهہ، ڀائي پارو شاهہ، ڀائي ڪشنومل، شوڪتراءِ خيرپوري، سيد علي شاهہ، ديوان ڪشنچند خيرپوري، مائي رامي (پير جو ڳوٺ) منشي سلامت راءِ، منشي هيمراج، پريمچند ويرومل، منشي ڪشنداس (پير جو ڳوٺ) قاسم علي شاهہ فقير ميربحر، حيات فقير پرديسي، پنهون فقير، ڪريم بخش خنياگر، ميان عبدالوهاب ريشم باف، حاجي جمڙو شيخ، جمعدار آندل، الله اوڀايو شاهہ.
- جن کي باطني فيض ڏنائون: بابا نيبراج، الله بخش فقير مست، قاضي عبدالخالق عرف قاضي بابا، فقير غلام علي مسرور، فقير علي بخش ڪمتر،
- پوشاڪ: سادا ڪار ڏوتل ڪپڙا، ڪلهن تي گيڙو رتي چادر، مٿي تي تاج، ٽوپي،
- شاديون: ٻہ گهر نڪاح ۾ آندائون
- اولاد: (۱) دختر (صغير سن فوت) (۲) دختر (زوجہ فقير عبدالله اول، (۳) فرزند، محمد محسن بيڪس (لا ولد وصال ۱۲۹۸هہ) (۴) فرزند، غلام فريد (لاولد، وصال ۱۲۹۸ هہ) (۵) فرزند، امام بخش (صغير سن فوت)
- وصال: ۱٦ ذوالقعد ۱۲۸۹ هجري مطابق ۱۵ جنوري ۱۸۷۳ عيسوي
- عمر: ۵۹ سال
- وصال جو هنڌ: قاضي پير محمد جي اوطاق (روهڙي)
- مزار: سنڌن اڪثر مراقبي واري هنڌ لڳ ريلوي لائين روهڙي.